ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# چا سنڌ جو صُوفياڻو مزاج تبديل پيو ٿئي ؟

# IS THERE ANY CHANGE IN SUFI THOUGHT IN THE PEOPLE OF SINDH?

A research analysis.

**Abstract**

Sindh is a land of Sufis since centuries. There are many great Sufis and Sufi poets like Shah Abdul Latif Bhitai, Sachal Sarmast, Sami, etc. who played a vital role regarding peace, brotherhood, religious harmony, liberalism and enlightenment through their actions and messages. Poetry is the strongest and most effective tool to preach and spread the message of love in the Subcontinent, which is why most Sufis of Sindh utilized this wisdom.

The impact that mystic poetry has on the people of Sindh can be seen by observing the past. Since the last few years we see changes in the society and cases of extremism in Sindh like Noreen Laghari case, Safoor a incident, Ansarul Sharia etc. According to reports, youth and graduates from universities and colleges are involved in these cases.

Before these cases there was reported involvement of uneducated and madressah students in such cases of religious extremism. This is the matter of great contemplation for our society. What is the strategy and role of our educational institutes and universities in the implementation of Sufism for a behavioral change in our student?.

The question arises then, has the message of Sufism become obsolete for our society? Or is there another reason for the rise of extremist thought process in our youth? Or any fault in the role of our media, social media, universities and learned persons to create awareness and spread the message of love, peace and harmony in the society.

Not only does the given overview analyses the situation, but has also suggested about eradication of extremism through Sufism in this article.

شعر ۽ ادب نہ رُڳو اندر جي اظهار ۽ پنهنجن خيالن کي ٻين تائين پهچائڻ جو سُهڻو طريقو آهي پر ان جا مقصد هر دور ۾ تبديل ٿيندا رهيا آهن. شروعاتي شاعري حُسن ۽ عشق جي مضمُون تي آڌاريل هُجڻ سان گڏ تفريح ۽ سُرُور واري ملندي، هاڻي

بہ اهو عنصر موجُود آهي. شاعريءَ پڙهڻ سان بہ مزو اچي ٿو پر ان کي سازن تي ڳائڻ يا ٻُڌڻ سان تمام گهڻو سرُور ملي ٿو. سماج سُڌارڪن شعر ۽ ادب جي اِن ڪارج سان گڏ ان کي سماج سُڌارڻ ڏانهن پڻ موڙيو. هُنن "ادب، ادب لاءِ" واري خيال بدران "ادب زندگيءَ لاءِ" واري خيال يا نظريي تي زور ڏنو. تفريحي ادب بہ زندگيءَ لاءِ آهي پر ان مان رڳو چَسُ حاصل ٿئي ٿو، ڪي عالم ان کي زندگي خراب ڪرڻ يا ڪارڻ سمجهن ٿا. خاص ڪري سماج سڌارڪ اهڙي ڪلام کي ننديِن ٿا. تنهنڪري ادب زندگيءَ لاءِ جو عام مقصد انساني ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ کي سڏيو ويو. شعر ۽ ادب کي عام ماڻهُن جي زندگي بهتر ڪرڻ ۽ شعُور اُڀارڻ لاءِ ڪَتب آڻڻ ضروري سمجهيو ويو. مطلب تہ اديب ۽ شاعر هڪ سماج سُڌارڪ بہ هُجڻ گهُرجي. هُو پنهنجين لکڻين وَسيلي سماج ۾ مثبت تبديلي بہ آڻين. اسان جا اڪثر سنڌي شاعر ۽ اديب ان ئي رستي تي هلڻ وارا آهن. قاضي قادن، شاهہ ڪريم، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ سچل سرمست کان وٺي حاجي احمد ملاح، شيخ اياز، اُستاد بُخاريءَ، تاجل بيوَس، اَدل سُومري ۽ اياز گُل تائينءَ جي شاعرن سنڌي سماج ۾ بهتر تبديلي آڻڻ لاءِ شاعري ڪئي آهي.

لڳ ڀڳ سمُورن شاعرن ميٺ محبت، امن ۽ آجپي جو پيغام ڏنو آهي. دُنيا جي شايد ئي ڪنهن شاعر سهپ، امن ۽ پيار خلاف شعر چيو هجي نفرت پکيڙي هُجي. اسان کي پنهنجن سمُورن شاعرن تي فخر آهي، خاص ڪري صُوفي شاعرن تي، جن جو شعر نہ رُڳو گهڻو مقبُول آهي بلڪِ انتهائي سگهارو ۽ پُختو بہ آهي. سندن پيغام پهچائڻ لاءِ هڪ تہ سندن درگاهُون ۽ ميڊيا ذريعو آهن ٻيو سنڌ جا اعليٰ تعليمي ادارا ۽ سنڌ حڪُومت جا مُختلف ادارا وسيلو آهن. هِتي رُڳو اعليٰ تعليمي ادارن جو جائزو وٺنداسين تہ اُتي صُوفين جي پيغام جو ڪيترو اثر ٿيو آهي؟ جيڪڏهن اثر نہ ٿيو آهي تہ ڇا صُوفي شاعري پنهنجو اثر وِڃائي ويٺي آهي يعني Outdated ٿي وئي آهي؟ يا اسان جا تعليمي ادارا صحيح ڪم نہ پيا ڪن؟

اعليٰ تعليمي ادارن جو بُنيادي مقصد تعليم، تحقيق ۽ تربيت وسيلي سماج کي ترقي ڏيارڻ، انساني دماغن جون صلاحيتون اُڀارڻ، ڪردار سازي ڪرڻ، سماجي برابري آڻڻ ۽ روشن خيالي وڌائڻ بہ آهي جيڪا شعر ادب، فلسفي، نفسيات، لوڪ ڏاهپ وسيلي سَولائيءَ سان وڌي سگهي ٿي. بدقسمتيءَ سان اسان جا اعليٰ تعليمي ادارا خاص ڪري يونيورسٽيون ڏينهون ڏينهن پنهنجيءَ ذميواريءَ کان پوئتي هٽنديون پيون وڃن. جيتوڻيڪ انهن بين الاقوامي سطح تي پاڻ مڃائيندڙ محقق، سائنسدان، تعليمي ماهر، فلاسافر ۽ مختلف شعبن جا ماهر پيدا ڪرڻ بند نہ بہ ڪيا آهن تہ گهٽائي ضرور ڇڏيا اٿن. اسان وٽ شعر ۽ ادب جي شعبي ۾ تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اسڪالر ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر ٻين شعبن جهڙوڪ سائنس، معاشيات، فلسفي،

سماجيات، نفسيات، سياست، طب وغيره ۾ آئرين تي ڳڻڻ جيترا محقق، اسڪالر ۽ مجيل عالم بہ شايد ئي ملن. گهٽي عرصي کان ڊاڪٽر عبدالسلام ۽ سائين وڏل شاهہ جهڙو ڪو بہ پيدا نہ ٿي سگهيو آهي.

ان ڪوٺ ۽ جهالت سبب سنڌ جو صوفي مزاج تبديل ٿيڻ لڳو آهي. انتها پسندي تيزيءَ سان صوفي سوچ، مذهبي رواداريءَ ۽ سهپ جي جاءِ والاريندي پئي وڃي. پاڪستان خاص ڪري سنڌ جون يونيورسٽيون، جيڪي روشن خياليءَ ۽ لبرل سوچ پيدا ڪرڻ جون فيڪٽريون ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست ۽ ٻين جي صوفياڻي پيغام پکيڙڻ جا اَڏا هونديون هيون سي هاڻي مذهبي انتها پسنديءَ، غير نظرياتي سياست، واپاري ذهنيت (Commercialization) ۽ اَسهپ ۽ اڻبرابريءَ ڏانهن ڊوڙنديون پيون وڃن. تازا ٿيل واقعا ان جو چٽو ثبوت آهن. مردان يونيورسٽيءَ ۾ مشال خان جو قتل مُلڪ جي سمُورين يونيورسٽين جي مُنهن تي چماٽ آهي. سنڌ جي يونيورسٽين جي صورتحال بہ خراب ٿيندي پئي وڃي. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو تہ هتي بہ جلد ئي مشال خان جهڙا قتل ٿي سگهن ٿا. انتها پسنديءَ جا ڪُجهہ تيلر هتي بہ هلي چُڪا آهن، جيڪي اسان جي اکين پَٽڻ لاءِ ڪوڙ آهن. انهن مان ڪُجهہ مثال هتي پيش ڪجن ٿا.

1. ڪراچيءَ ۾ ٿيل صفوران سانحي ۾ 13-05-2015 تي 46 اسماعيلين کي جنهن بيدرديءَ سان ماريو ويو اُن جو مثال نہ ٿو ملي. اخباري رپورٽن مُطابق مارڻ وارا ڪي مدرسي جا پڙهيل نہ هُئا نہ ئي وري اڻپڙهيل هُئا بلڪِ اُنهن جو تعلق اعليٰ تعليمي ادارن سان هو. سعد عزيز ٽن ٽن آءِ بي اي ڪراچيءَ جو بزنيس گريجوئيٽ، اظهر عشرت سر سيد يونيورسٽيءَ مان پڙهيل اليڪٽرانڪ انجنيئر، حافظ ناصر پوسٽ گريجوئيٽ ۽ ٻيا بہ پڙهيل ڳڙهيل هُئا. انهن سمُورن گريجوئيٽس جي سوچ ۽ فڪر تي اعليٰ تعليمي ادارن جي نصاب ۽ ماحول ضرور اثر ڇڏيو هُوندو.
2. لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻي نورين لغاريءَ جو ڏهين فيبروري 2017 کان غائب ٿيڻ ۽ 14-04-2017 تي لاهور مان هڪ آپگهاتي بمبار جي حيثيت ۾ هٿ اچڻ هڪ يونيورسٽيءَ ۾ موجُود مذهبي انتها پسنديءَ کي ظاهر ڪري ٿو بلڪہ "سنڌي طالبان" پيدا ٿيڻ جي نشاندهي پڻ ڪري ٿو. ان تي بہ سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي سخت ضرورت آهي.
3. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سال 2017ع جي شروع ۾ هوليءَ ملهائڻ جي معاملي تي ٿيل ملاڪڙو بہ اُتان جي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو. مطلب تہ سمُورن ادارن تائين جنونين جي پهچ ٿي چُڪي آهي.
4. انصار الشريعہ هڪ تنظيم ظاهر ٿي، ميڊيا جي رپورٽن موجب ان ۾ پڙهيل

ڳڙهيل نوجوان شامل هُئا/آهن.

5. تعليمي ادارن ۾ مذهبي تنظيمن جون سرگرميون ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ مدرسن ۾ پيبل برڪت، محرم الحرام، ربيع الاول، رمضان شريف ۽ ذوالحج ۾ ٿيندڙ جدت ۽ شدت سوچن ۽ خيالن تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

6. سنڌ ۾ صُوفي ازم جي تعليم ۽ پرچار لاءِ سنڌ حڪُومت 2011ع ۾ ڀٽ شاهه، ضلعي مٽياريءَ ۾ صوفي يونيورسٽي قائم ڪئي. اها به اصل ڪم نہ پئي ڪري.

اِن حوالي سان روزاني ڪاوش حيدرآباد ۾ ١٢هين جُون ٢٠١٧ع تي نيو سعيدآباد، ضلعي مٽياريءَ جي محترم نذير ڪاڪا ۽ ١٤هين جُون ٢٠١٧ع تي شڪارپور جي محترم عقيل عباس سومري جو خط هائيڊ پارڪ ۾ شايع ٿيو آهي. ان کان سواءِ قومي عوامي پارٽيءَ جي سربراهه محترم اياز لطيف پليجي صُوفي يونيورسٽيءَ جو دورو ڪري پريس ڪانفرنس ڪئي جيڪا ١٧هين جُون ٢٠١٧ع تي روزاني عوامي آواز، ڪاوش، ڊان ۽ ٻين اخبارن ۾ شايع ٿي.

هِتي عقيل صاحب جو خط ڏجي ٿو "١٢هين جُون ٢٠١٧ع واري ڪاوش ۾ نذير احمد ڪاڪا جو صُوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه بابت خط ڇپيو آهي. اِن حوالي سان وڌيڪ عرض تہ جڏهن حڪُومت صُوفي يونيورسٽيءَ جو بُنياد وِڌو تہ ڏاڍي خوشي ٿي پر جنهن طريقي سان يونيورسٽيءَ جي شروعات ڪئي وئي آهي اُن تي ڏاڍي مايوسي ٿي. ابتدا ۾ ئي هن يونيورسٽيءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماتحت ڪري پوليٽيڪل سائنس جي هڪ پروفيسر کي پهريان ڪوآرڊينيٽر ۽ پوءِ پي وي سي مُقرر ڪيو ويو. وري ٢٠١٦ع ۾ هڪ اهڙي عورت پروفيسر کي وي سي مُقرر ڪيو ويو، جنهن کي صُوفي ازم تہ پري جي ڳالهہ پر شاهہ ۽ سچل جو بيت بہ پڙهڻ نہ ٿو اچي. جڏهن اهڙا ماڻهُو مُنتظم مُقرر ڪيا ويندا تہ نتيجا بہ اهڙا ئي نڪرندا. سنڌ حڪُومت جي اهڙي فيصلي خلاف سُڄاڻ ڌُرين نہ رُڳو اعتراض واريا پر احتجاج بہ ڪيا. اديبن ۽ شاعرن ۾ عبدالغفار تبسم، ڊاڪٽر مخمُور بُخاريءَ، ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ، عاجز رحمت الله لاشاريءَ، رياضت بُرڙي ۽ ٻين جا اخبارن ۾ بيان بہ ڇپيا پر اُنهن تي ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو. تازو سنڌ جي وڏي وزير سچل سرمست جي عُرس جي موقعي تي درازا شريف ۾ صُوفي يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن جي اسان آجيان ڪريون ٿا. ان سان گڏ اهو عرض بہ ڪريون ٿا تہ سائين! جيڪڏهن صُوفي يونيورسٽيءَ کي فعال ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پلائي ڪري ان جو سربراهہ بہ تصوف سان وابستا ماڻهُوءَ کي مُقرر ڪريو! صُوفي يونيورسٽيءَ جو مُڪمل فوڪس تصوُف تي هُجڻ گهُرجي. ٻين مضمُونن لاءِ تہ لاڳاپيل يونيورسٽيون موجُود آهن."

صُوفين جي پيغام پکيڙڻ ۾ سندن فقيرن ۽ راڳين بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪي ڳائڻا تہ ڳائيندا ئي رُڳو صُوفي شاعرن جو ڪلام آهن، جن کي صُوفي راڳي چيو

وجي ٿو. اِن سلسلي ۾ مُختلف درگاهن سان لاڳاپيل صُوفي ڳائڻا مشهُور آهن. مثال شاهہ لطيف جي درگاهہ، سچل سرمست جي درگاهہ، درگاهہ جهوڪ شريف ۽ ٻين درگاهن جا راڳي وغيرهہ. هِن وقت مانجهي فقير، سوڍل فقير وغيرهہ گهڻا مشهُور آهن. مانجهي فقير هن دور جو صوفي آهي، جيڪو ڳائڻ سان گڏ شاعري بہ ڪري ٿو. هو اڪثر پنهنجي شاعري ئي ڳائيندو آهي. سندس ڳايل ڪجهہ ڪلام تہ تمام گهڻا مقبول ٿيا آهن، جن ۾ نوجوانن کي هيٺيون ڪلام ڏاڍو پسند آهي:

ڪو رحمان جي پاسي،
ڪو آيڳوان جي پاسي،
منهنجو سجدو انهيءَ کي آ
جيڪو آ انسان جي پاسي.

هُن صوفيت جي پرچار لاءِ مانجهائي جماعت جوڙي آهي. ان جماعت جو آشرم شهدادپور ويجهو ڳوٺ ٻرهوڻ ۾ قائم ڪيو اٿائين. ڪاوش شوبز آن لائين ۾ ڳالهائيندي مانجهي فقير ٻُڌايو هو تہ ”صوفي دين ڌرم بدران انسان جي دل ۽ دماغ کي تبديل ڪندا آهن، آءٌ دقيانوسي تصوف کي نہ مڃيندو آهيان. تصوف وقت جي حساب سان هلندو آهي. ائين ناهي تہ تصوف سچل ۽ لطيف تائين ختم ٿي ويو. تصوف ۾ ڪيتريون ئي شيون وقت گذرڻ سان گڏ مُدي خارج ٿي چڪيون آهن. تصوف وهندڙ درياهہ آهي، ان ۾ ايندڙ تبديلين کي قبول ڪرڻ گهرجي. درگاهن تي انتهاپسندن جي قابض ٿيڻ سبب صوفين کي انٽري نہ ٿي ڏني وڃي. ٻهراڙين ۾ تصوف جو پيغام عام ڪيو وڃي. سنڌ جو مستقبل ان ۾ آهي تہ ماڻهو صوفين جو دامن پڪڙين، ڪجهہ نمائشي صوفين بدران ماڻهو لاڪوفي صوفين جي پويان هلن.
(روزاني ڪاوش 2017-11-13)

مانجهي فقير ٿورن لفظن ۾ تصوف بابت وڏيون ڳالهيون چيون آهن. خاص ڪري صوفين جي درگاهن بابت سندس راءِ تمام گهڻي اهميت واري آهي. درگاهن پنهنجو ڪردار سست ڪري ڇڏيو آهي يا تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان انتهاپسنديءَ کي فائدو پيو ٿو. ان سڄي ماحول جو اثر تعليمي ادارن تائين بہ پهچي ٿو.

صوفيت کي وقت مطابق جاري رکڻ يا اختيار ڪرڻ بہ ضروري آهي. ان حوالي سان تعليمي ادارا توڙي عظيم صوفين جون درگاهون پنهنجو پنهنجو ڪردار صحيح نموني ادا ڪن.

جيڪي دوست چوَن ٿا تہ صُوفيت جو ڪو فائدو ناهي اُهي مهرباني ڪري سنڌ جي سماج کي غور سان ڏِسن. انتها پسنديءَ جا ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا ضرور ٿيا آهن، جن جو ذڪر مُون هِتي ڪيو آهي. انهن واقعن کي سامهُون رکي مُون سُجاڳ ٿيڻ ۽ صُوفيت کي وڌيڪ پکيڙڻ جي گُذارش ڪئي آهي. تنهن هُوندي بہ سنڌي سماج ۾

اسلام مذهب کان سواءِ ٻين مذهبن جهڙوڪ هندو، سِک، عيسائيءَ وغيره سان اسان جو رويو ياٺپيءَ وارو آهي. انهن سان گڏ ڪائڻ پيئڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ ۾ ڪو فرق محسُوس نہ ڪندا آهيون. ان سان گڏ سنڌ ۾ ٻئي غير سنڌين جو هندن سان رويو، اسلام آباد ۽ لاهور ۾ غير مُسلمانن سان سلُوڪ ڏِسندا تہ اوهان کي سنڌين تي صُوفيت جي اثر جي خبر پئجي ويندي. ساڳيءَ ريت ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ رمضان شريف دوران پيدا ٿيل ماحول بہ ڪيترا ئي فرق واضح ڪندو. نج سنڌي ذهن اڄ تائين طالبانائيزيشن قبُول نہ ٿو ڪري. هندن کي زوريءَ مُسلمان ڪندڙ چند ماڻهُن کي سمُورن سنڌين جي سوچ نہ ٿو چئي سگهجي. زوريءَ مسلمان ڪندڙن کي سنڌي باشعور ماڻهو سٺو نہ ٿو سمجهي. ڪي تہ ان عمل خلاف احتجاج بہ ڪن ٿا. صُوفين جي ڪري اڪثر سنڌين جي سوچ روحل فقير واري آهي:

هِڪ هندُو، ٻيو مُسلمان، ٽيون وِچ وِڌائون وير
اَنڌن اُوندهہ نہ لهي، تن کي سچ چوَندو ڪير؟
روحل راهہ پرينءَ جي، گهِڙي ڏِنوسين گهير
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير
جا سُتي ڪعبي وِچ ۾، سا ڪاڏي ڪندي پير؟

اسان سنڌين کي ان ڳالهہ تي فخر هُوندو آهي تہ اسان صوفي مزاج رکندڙ ۽ لبرل آهيون. ٻاهران آيل ماڻهون انتها پسند سوچ رکن ٿا.

مذهبي انتها پسنديءَ واري سوچ هتان جي ڪجهہ قديم رهواسين جي آهي يا تازو آباد ٿيلن جي آهي. هينئر ان بابت دليل ڏيڻ يا بحث ڪرڻ اجايو آهي. جيڪي بہ ماڻهو سنڌ ۾ رهن ٿا اُنهن جو هر چڱو يا بُرو عمل سنڌ جي کاتي ۾ ئي ليکجي ٿو. تنهن ڪري روشن خياليءَ آڻڻ يا اُن کي وڌائڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. صُوفين جو پيغام اڄ بہ سماج سان مُطابقت رکي ٿو. اڄ جي حالتن سان ٺهڪي اچي ٿو. اسان شايد اِن انتظار ۾ آهيون تہ شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست پاڻ قبرن مان اُٿي اچي اسان جي ڪَنن ۽ ذهنن ۾ پنهنجو ڪلام ۽ پيغام اوتن، باقي اسان سندن رسالا نہ پڙهنداسين؛ ڪلام نہ ٻُڌنداسين. خاص ڪري نوجوانن جي دلچسپي گهٽبي پئي وڃي. هُو مُطالعو نہ ٿا ڪن.

حڪومت، عالم ۽ سُڄاڻ ڌريون ڇا ڪن؟ ان حوالي سان ڪُجهہ تجويزون هتي ڏجن ٿيون.

1. هر مذهبي عبادت کي ذاتي عمل سمجهيو وڃي. ان خلاف فتوائن ۽ فيصلن تي پابندي هنئي وڃي.
2. هر هڪ مذهب ۽ فرقي جو لازمي احترام ڪيو وڃي. مذهب جي توهين جي صورت ۾ ماڻهن بدران عدالتون فيصلا ڪن.

3. سنڌ حڪُومت سنڌ جي هر هڪ ڳوٺ ۾ لازمي اسڪول کولي، جتي آبادي گهڻي هُجي اُتي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون قائم ڪري ته جيئن مدرسن کولڻ جي ضرورت نہ پئي.
4. نَون مدرسن کولڻ تي مُڪمل پابندي ۽ موجُود مدرسن ۾ جديد علم ۽ صوفياڻو نصاب سختيءَ سان لاڳو ڪيو وڃي.
5. پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين نصاب ۾ تبديلي آڻي ان مان هر قسم جي نفرت پکيڙيندڙ مواد نہ رڳو ڪڍيو وڃي بلڪِ ڪُجھ لازمي مضمُونن جو واڌارو بہ ڪيو وڃي. جهڙوڪ: اسلام کان سواءِ ٻين مذهبن جو علم (Theology)، سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام تي ٻڌل مضمون ۽ انساني حقن بابت مضمون. توڙي جو اهي مضمُون مُختصر نموني پڙهايا وڃن ٿا پر انهن مضمونن کي هر Disciplineلاءِ لازمي ڪيو وڃي. سائنس وارا بہ پڙهن ته آرٽس وارا، ڪامرس وارا، ميڊيڪل وارا، اسلاميات وارا، ايجوڪيشن ۽ بزنيس ايڊمنسٽريشن وارا بہ پڙهن. جيڪي سنڌي ٻولي نہ ٿا پڙهي سگهن اُنهن کي اُردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پڙهايو وڃي.
6. يونيورسٽين ۾ ادبي ثقافتي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ خاص ڪري صوفياڻي راڳ جي محفلن کي وڌايو وڃي.
7. اسٽوڊنٽس يونينون بحال ڪرڻ سان گڏو گڏ اسٽڊي سرڪل بہ آباد ڪيا وڃن.
8. ميڊيا اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. سنڌي ۽ اُردو ميڊيا، خاص ڪري ريڊيو، ٽي وي چينل پنهنجن پروگرامن ۽ ڊرامن وغيرهہ ۾ بہ صُوفياڻي فڪر کي نمايان شامل ڪن. شاهہ لطيف، سچل سرمست، خواجا غُلام فريد، بابا بلهي شاهہ ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام اُردو ۽ انگريزي ترجمي سان گڏ ڏين.
9. اسان سڀ سوشل ميڊيا کي اِن مقصد لاءِ ڪَتب آڻيون.
10. اسڪُولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي اُستادن توڙي صحافين لاءِ ورڪشاپ ڪرائي، اُنهن کي صوفياڻي فڪر جي پرچار لاءِ نہ رڳو تيار ڪيو وڃي بلڪِ هو پنهنجو فرض سمجهي پرچار ۽ ڪائونسلنگ ڪن.
11. پرائمري تعليم تي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏئي، ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جو معيار وڌايو وڃي ته جيئن شاهہ، سچل ۽ ٻين صوفين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

قانون لاڳو ڪندڙ سمورا ادارا دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهن پيا پر ان سلسلي ۾ ڪين اجا وڌيڪ چست ٿيڻو پوندو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڏنل تجويزن تي عمل ڪرڻ يا ڪرائڻ ڪو سَولو ڪم ناهي پر ناممڪن بہ ناهي. اهڙيءَ ريت ان جو نتيجو تڪڙ ۾ بہ نہ نڪرندو پر پڪ ڄاڻو تہ سُتت ئي بهتر نتيجو نڪرندو. ان لاءِ حڪومت پنهنجي حصي، اُستاد،

صحافي، سُجاڻ ڏريون، سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي تنظيمون پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪن تہ منزل پري ناهي. جيڪڏهن دُنيا جي عظيم شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هيٺ ڏنل هڪ بيت تي ئي عمل ڪبو تہ ٻيڙا پار ٿي ويندا:

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چَڱو ڪم
او ڪو ٻيو فهم، جِنہ ۾ پَسَڻُ پرين کي. (سر آسا)

دنيا ۾ هن وقت هٿيارن واريون جنگيون بہ هلن پيون. پر ان سان گڏ ذهانت ذاهپ، علم ۽ ميڊيا/سوشل ميڊيا وسيلي بہ چوٽ جا مقابلا ٿين پيا. ماڻهن جا ذهن تبديل ڪري نہ رڳو وسيلا ڦريا پيا وڃن پر هڪٻئي کي مارايو بہ پيو وڃي. اهڙيءَ صورتحال ۾ سوچ تبديل ڪرائڻ واري جنگ تمام گهڻي اهم آهي. سوچن ۾ تبديلي امن، انصاف ۽ انساني ڀلي لاءِ اچڻ گهرجي. اهڙي سوچ صوفيت وسيلي سولائي سان پيدا ڪري سگهجي ٿي، صوفين وٽ انساني ڀلائيءَ جو هر نسخو موجود آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن نسخن کي سمجهجي ۽ صحيح استعمال ڪجي. صوفين جي ڪردار ۽ عمل کي ڏسنداسين تہ انهن ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ جو قتل ناهي ڪيو يا ڪرايو، جڏهن تہ اسان وٽ مذهب جي نالي تي اڻڳڻيا انسان ماريا ويا آهن. اهوئي سبب آهي تہ سچل سر مست فرمايو تہ:

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهون منجهايا،
شيخيءَ پيريءَ بزرگيءَ، بيحد ڀُلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

سچل سر مست وڌيڪ فرمائي ٿو تہ:

وقت اها ٿئي ويل، دُوئي دُور ڪرڻ جي
ڪي مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سَويل
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
متان ٿيئي اَويلَ، اولهہ سج نہ اُلهي.

روحل فقير مذهبي رواداريءَ بابت ڪجهہ هن ريت فرمائي ٿو تہ:

مسجد ۽ مندر ۾، ٻري هڪ ڏيئو،
جي اسلام الله ڪيو، تہ ڪفر ڪنهن ڪيو،
روحل ڪيئن پيو؟ خلل هن خلق ۾.

اڪثر صوفين جو پيغام پنهنجي خطي جي ماحول مطابق ۽ اتان جي ٻوليءَ ۾ هوندو آهي، جنهن کي سمجهڻ انتهائي آسان هوندو آهي. اهو پيغام تمام گهڻو اثرائتو پڻ هوندو آهي. ان ۾ مذهبي رواداري به هوندي آهي ته عام ماڻهن جي حقن جي ڳالهه به ٿيل هوندي آهي. جڏهن اسان سڀ هڻ ڌرتيءَ جي عظيم صوفي شاعرن شاهه لطيف، سچل سر مست ۽ ٻين کي پنهنجو رهبر سمجهون ٿا ته پوءِ انهن جي پيغام کي پڪيڙڻ کان ڇو ٿا ڪيٻايون؟ پنهنجا مزاج ڇو پيا مٽايون؟ اچو ته سنڌي صوفياڻي مزاج کي اڳتي وڌايون!

حوالا:

1. روزاني عوامي آواز، ڪاوش ۽ ٻين اخبارن ۾ آيل خبرون (2015-05-14، 2017-02-11 ۽ 2017-04-15)
2. روزاني ڪاوش حيدرآباد جي ڪاوش هائيڊ پارڪ ۾ شڪارپور جي عقيل عباس سومري جو شايع ٿيل خط (2017-06-14). ص: 04
3. روزاني ڪاوش حيدرآباد جي سلسلي ڪاوش شوبز آن لائين ۾ صوفي راڳي مانجهي فقير سان ٿيل ڳالهه ٻولهه مان ٽڪرا (رپورٽ: ستار سروهي ۽ عظمت الله ڪنير) (2017-11-13) ص: 02
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو (شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت پنجاهن قلمي ۽ جملي ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل متن ۽ معنيٰ وارو زبرن زبرن سان سڄو صحيح رسالو) ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2009ع- ص: 232.
5. بيگ، علي قلي، مرزا، (مرتب) شوق نواز علي، ڊاڪٽر (مقدمو) رسالو ميان سچل فقير جو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2008ع، ص: 54.